# لا شعوري جو نتيجو

(مترجم_ آغا عامر خان)



الله تعالٰي جي خبردار ڪرڻ باوجود جيڪڏهن ڪو انسان پنهنجي بي خبري ۽ لاشعوري ۾ ئي رهجي ويو ته اها ان ڪي جلد هڪ خوفناڪ، نا قابلِ بيان ۽ دائمي عذان ڏانهن وٺي ويندي. الله تعالٰي هن دنيا ڪي انسانن ڪي پرکڻ لاءِ پيدا ڪيو آهي ۽ اهي ماڻهون جيڪي هي حقيقت ڄاڻي بنا ئي هي دنيا ڇڏي ويندا آهن اهي پنهنجي هميشه واري زندگي دوزخ جي عذاب ۾ گذاريندا.

جيئن قرآن پاڪ ۾ ٻڌايو ويو آهي انهن جي اکين ۽ ڪنن تي مهر لڳائي وئي آهي ۽ انهن ڪان انهن جي سمجهه کسي وئي آهي. انهن جي بيداري ۽ سمجهه بلڪل جانورن وانگر آهي. اهي جانورن ڪان به بدتر آهن ڇو ته انهن پنهنجي مرضي سان لاشعوري ڪي چونڊيو آهي.

“۽ بيشڪ دوزخ لاءِ جنن ۽ ماڻهن مان گهڻا پيدا ڪيا اٿون، انهن جو اهڙيون دليون آهن جو انهن سان (الله جو حُڪم) نه سمجهندا آهن، ۽ اُنهن جون اهڙيون اکيون آهن جو اُنهن سان (حقانيت) ڏسي نه سگهندا آهن، ۽ اُنهن جا اهڙا ڪن آهن جو انهن سان (حق ڪي) ٻڌي نه سگهندا آهن، اهي ڍورن وانگر آهن بلڪ اُنهن ڪان وڌيڪ گمراه آهن، اُهي ئي غافل آهن. ” (سورت الاعراف، 179 )

“ڀانيو اٿئي ڇا ته منجهانئن گهڻا ٻڌن ٿا يا سمجهن ٿا؟ اِهي رڳو ڍورن وانگر آهن بلڪ اُهي واٽ ڪي بلڪل وڃائيندڙ آهن. ” (سورت الفرقان، 44 )

جانورن ڪي ڪوئي به شعور نه آهي. الله تعالٰي انهن سان بي خبر ماڻهن جو موازنو ڪري ٿو ڇو ته انهن جي جانورن وانگر لا شعوري انهن جي دل ڪي سخت ڪري ڇڏيو آهي. جيڪو ڪجهه ڏسندا ۽ ٻڌندا آهن، ۽ جيڪا تجويز ۽ مشورو انهن ڪي ملندو آهي، اهو انهن ڪي هن حالت مان ٻاهر ڪڍڻ لاءِ پر اثر ثابت نه ٿيندو آهي.

ڪنهن به رعايت ڪان بغير سڀني انسانن تي غور و فڪر ڪرڻ ۽ سچ مطابق زندگي گذارڻ فرض آهي. پر جيڪڏهن اهي پنهنجي لا علمي ۾ ئي رهيا ته اهي ٻين جاندارن ڪان گهٽ سمجهه وارا ٿي وڃن ٿا ۽ اهي سڀ خصوصيات وڃائي وڃن ٿا جيڪي انهن ڪي انسان بنائين ٿيون. اهي انسان ان احساس، خيال ۽ سمجهه ڪان محروم ڪيا ويا آهن جيڪو الله تعالٰي سڀني ڪي عطا ڪيو آهي ته جيئن اهي پنهنجي وجود ڪي سڃاڻي سگهن ۽ ان جي عبادت ڪن.

“اِهي اُهي آهن جو سندين دلين ۽ سندن ڪَنن ۽ سندن اکين تي الله مُهر هنئي، ۽ اُهي بي خبر آهن. ” (سورت النحل، 108)

اهڙا ماڻهون پنهنجو پاڻ ڪي جهنم جي باه ڪان بچائي نه ٿا سگهن جيستائين اهي الله ڏانهن رجوع ڪن. انهن جي لاعلمي ۽ الجهن دوزخ ۾ اچا وڌيڪ هوندي.

“۽ جيڪو هن دنيا ۾ انڌو ٿيو سو آخرت ۾ (به) انڌو (هوندو) ۽ واٽ ڪان ٻنهه ڀُليل رهندو. ” (سورت الاسراء، 72)

انهن جي سزا ۽ دهشت هن آيت ۾ بيان ڪئي وئي آهي

“الله جي ٻاريل باهه آهي. جا دلين تي پهچندي. بيشڪ اُها مٿن در بند ڪيل آهي.” (سورت الهمزه، 6_9)

اهي انسان جيڪي لاشعوري ۾ ئي اهن ٿا ۽ ان مان نڪرڻ جي ڪوشش نه ٿا ڪن ۽ جيڪي قرآن جي علم ۽ الله تعالٰي جي رضا ڪان بغير مري وڃن ٿا جهنم جي حوالي ڪيا ويندا.

https://www.harunyahya.info/sd/mdhamyn/la-shawry-jw-ntyjw

